# पोपटिड़ा

## बाल साहित्य पत्रिका

# POPATRA

## Children's Literature Magazine

2019-20



NATIONAL COUNCIL FOR PROMOTION OF SINDHI LANGUAGE

# पोपटिड़ा
## बाल साहित्य पत्रिका
**2019-20**



उपाध्यक्ष एवं मुख्य सलाहकार
**श्री घनश्याम कुकरेजा**



संपादक ऐं प्रकाशक
**डॉ. प्रताप पिंजानी**
निदेशक
**राष्ट्रीय सिंधी भाषा विकास परिषद, नई दिल्ली**



संपादक मण्डल
**डॉ. हूंदराज बलवानी**
**डॉ. जगदीश लच्छानी**
**श्री राधाकृष्ण भागिया**




**National Council for Promotion of Sindhi Language,**
Govt. of India, Ministry of H.R.D. Deptt. of Higher Education
West Block No. VIII, Wing-7, 1st Floor, Sector-1,
R.K. Puram, New Delhi - 110066.
**Ph. Nos.** (011)-26180104-06, 20863699
**Email** : ncpsl.delhi@gmail.com **Website** : www.ncpsl.gov.in
https://www.facebook.com/NCPSL


ISBN : 978-81-945495-9-8








# डायरेक्टर जी क़लम मां

राष्ट्रीय सिंधी भाषा विकास परिषद सिंधी अदब, कला, संस्कृति ऐं तालीम जे वाधारे लाइ अलगि॒ अलगि॒ योजनाउनि मार्फ़त विद्वाननि ऐं अदीबनि जे सहकार सां अनेक कार्य करे रही आहे। अज॒ु सिंधी भाषा जो वाहिपो ड॒ींहों ड॒ींहुं घटिजंदो रहियो आहे, ख़ासि करे तालीमी इदारनि मां सिंधी तालीम हासिल कंदड़ शागिर्दनि जो तादाद न सिर्फ़ घटियो आहे, पर केतिरनि ई तालीमी इदारनि में सिंधी विषय जी पढ़ाई बंद थी वेई आहे। इन एक्ट खे ध्यान में रखंदे त असां जा ब॒ारिड़ा न सिर्फ़ पंहिंजी मातृभाषा खे, उन सां गड॒ु सिंधी सभ्यता ऐं संस्कृतीअ खे बि विसारे छड॒ींदा, जंहिं लाइ 'पोपटड़ा' उनवान सां ब॒ाल मैग़ज़ीन परिषद पारां शाया कराई पेई वञे।

२०१९-२०२० जी 'पोपटड़ा' मैग़ज़ीन पिण तव्हांजे हथनि में आहे, जंहिं खे सिंधी अदब जे बर्खु साहित्यकारनि डॉ. हूंदराज बलवाणीअ, डॉ. जगदीश लछाणीअ ऐं परिषद जे मेम्बर श्री राधाकिशन भागि॒या सम्पादित कयो आहे। परिषद जो मूल मक़सद सिंधी भाषा जे वाधारे जो आहे। ब॒ार असांजे आईंदह जा अबा आहिनि, उन्हनि जे ख़ातिर ही रंगीन ब॒ाल रसालो चित्रनि समेति शाया करायो वियो आहे, जीअं ब॒ार ही अख़लाक़ी रचनाऊं पढ़ी, पंहिंजी मातृभाषा, सभ्यता ऐं संस्कृतीअ जी ज॒ाण हासिल करे सघनि।

मां परिषद पारां सम्पादक मंडल जी शुक्रगुज़ारी थो अदा करियां।

डॉ. प्रताप पिंजानी

( निदेशक )

# फ़हिरिस्त



# सब्राझो छोकरु

- ढोलण राही

मुंहिंजी भरि में ई रहंदो हिकु ब्रारु हो
ड्रिठो मूं अजब उन जो वहिंवारु हो
जड्रहिं भी हू को खाजु खाईंदो हो
कणो भी न उन मां बचाईंदो हो
पुछियोमांसि इन जो सबबु हिक दफ़े
त मूं ड्रे ड्रिसी थो हू ब्रालक चवे-
''करे सख़्तु महिनत थो बाबा जड्रहिं
कमाए खणी थो अचे कुझु तड्रहिं
अमां मुंहिंजी रंधिणे में केड्रो ग्रुहे
तड्रहिं थो असां लाइ भोज्रनु ठहे
वहाए थो हारी पघरु केतिरो
तड्रहिं थो उपाए अनाज एतिरो
त हरकंहिं जी महिनत जो अपमानु थ्ये
बचाइणु खपे कुझु न थालीअ में
थिए ज़्यानु पो जेको नालीअ में।''













# हिकु तीरु ब्रु निशान

- ध्रुव तनवाणी

हेमूअ खे नौकरीअ जी सख़्त ज़रूरत हुई। जिते कमु कंदो हो उते रोज़ु मालकिण चवंदी हुअसि त मां तोखे नौकरीअ मां हटाए छड्डींदीसांइ न त सुबह जो सवेर ईंदो करि। घरु परे हुअण करे हू रोज़ु लेट थी ई वेंदो हो। हेमूअ सोचयो मालकिण आहे त तमामु सुठी पर रोज़ु चवे थी त कढी छड्डींदीसांइ सो हुन खां कीअं पुछां त हुन जे मन में छा आहे?

सो हुन खे हिक तरकीब सुझी। हिक दुकानदार वटि वियो। चयाईं, "दादा हिक फ़ोनु करणु ड्रींदा। ज़रूरी कमु आहे।" दुकानदार खे दया अची वेई ऐं चयाईंस, "जल्दी ग़ाल्हाए करे फ़ोन रखिजांइ।" हेमूअ चयो, "ठीक आ। हुन जल्दी पंहिंजी मालकिण खे फ़ोनु लग़ायो। हेमूअ चयो, "मैडम तव्हां खे कंहिं नौकर जी ज़रूरत अथव छा?"

हुन पासे खां आवाज़ आयो त "न मूं वटि नौकरु आहे।"

"मूंखे नौकरीअ जी सख़तु ज़रूरत आहे। मूंखो नौकर करे रखो।" हेमूअ वरी चयो।

हुन पासे खां आवाज़ु आयो त "न, मूं वटि सुठो नौकर आहे।"

"मूंखे नौकरीअ जी सख़तु ज़रूरत आहे। मां तव्हां जे नौकर खां वधीक कमु करे ड्रींदुसि। मूंखो नौकरु करे रखो।" हेमूअ वरी वरी करे चयो।

हुन पासे खां वरी साग़ियो आवाज़ु आयो त "न बाबा, मूं वटि सुठो नौकर आहे जेको हुश्यारी ऐं ईमानदारीअ सां कमु कंदो आहे। मूंखे ब्रिए नौकर जी काई ज़रूरत कोन्हे।"

हेमूअ वरी कोशिश कई। चयाईं, "मूंखे नौकरीअ जी सख़तु ज़रूरत आहे। मां तव्हां जे नौकर खां वधीक कमु करे ड्रींदुसि ऐं उन खे जेका पघार ड्रींदा आहियो उन जे अध पघार ते मां कमु करण लाइ तियार आहियां। मूंखे नौकर करे रखो।"

हुन पासे खां वरी साग़ियो ई आवाज़ु आयो त "न, मूं वटि नौकरु आहे" ऐं हुन मालकिण



फ़ोन रखी छॾियो। दुकानदारु जेको पूरी ॻाल्हि बुधी रहियो हो सो सोचण लॻो त छोकरे खे नौकरीअ जी सख़्त ज़रूरत अथसि ऐं घटि पघार में कमु करण लाइ तैयार आहे सो छो न मां ई हिन खे कम ते खणी रखां?

छोकर खे चयाईं ''घणी पघार ते मूं वटि नौकरी कंदें।''

छोकरे जवाब ॾिनुस त, ''मूं वटि सुठी नौकरी आहे। मूंखे नौकरीअ जी काई ज़रूरत कोन्हे।''

दुकानदारु अजब में पइजी वियो त हींअर त माईअ खे नौकरीअ लाइ मिन्थूं पियो करेसि ऐं हाणे चवे थो मूं वटि नौकरी आहे।

दुकानदार मुंझी पियो त ॻाल्हि छा आहे? छोकर खे चयाईं ''तो वटि नौकरी आहे त पोइ हुन खे छा लाइ मिन्थूं पियो करीं?''

हेमूअ चयो त ''मां उन मालकिण वटि ई कमु कंदो आहियां। हूअ रोज़ मूंखे नौकरीअ तां हटाइण लाइ चवंदी आहे। मूं सोचयो मूंखां सुठो नौकर मिलंदुसि त मूंखे हटाए छॾींदी। पर साम्हूं इहा ॻाल्हि पुछण जी हिम्मत न थी सो आवाज़ु बदलाए हुन खां पुछी वरितो त मूंखे नौकरीअ तां लाहे न छॾींदी। मूंखे हिकिड़ी नौकरीअ जी चिन्ता हुई पर हिकु फ़ोन करण सां ॿ ॿ नौकरियूं पकयूं थी वयूं। हिक जिते कमु कंदो आहियां, ॿियो तव्हां बि नौकरीअ जो आसिरो ॾिनो।''

दुकानदार चयो, ''ॿ गिरांठि छोकरो ऐं दिमागु सियाणन जहिड़ो।''





# सिंधी पहाका
# (तुकबंदीअ में)

- लछमण हर्दवाणी



(१) जहिड़ी करिणी तहिड़ी भरिणी
संधे रखु हीउ पहाको खणी बरिणी
जहिड़ी पोखिणी, तहिड़ी आ लुणिणी
मूरीअ सां गड्डु कीअं खाइबी खीरिणी?



(२) घोटु-कुंवारि राज़ी त कोहु करींदो काज़ी?
यादि करि हीउ पहाको खणी हिक ताराज़ी
तूं नएं ज़माने जो आहीं ऐं मां माज़ी
शल न करियूं कडुहिं का जल्दबाज़ी।

(३) जेकी करे नाणो, सो न करे राणो
पैसे जे ताकत जो आ, ही पहाको पुराणो
सभ खां वड्डो लेखिजे थो धनी घराणो
चवणी आ 'हुजई नाणो त घुमु लाड़काणो'।



(४) जंहिं घरि में नारीअ अपमान, सो घरु नर्क समान
नारी त जूजन्य आहे न करि मन में को गुमान
शल समुझे इहा ग़ाल्हि जगुत जो हरिको इन्सान
पोइ कोन थींदो किथे कंहिं नारीअ जो अपमान!

(५) जहिड़ो अनु, तहिड़ो मनु
सात्विक खाधो करे पवित्र मनु
कोन खपे इन लाइ घणो धनु
चाहे कहिड़ो बि हुजे ईसवी सनु!



(६) अंधे अग्रियां रोअणु आहे अखियुनि जो ज़्यानु
यादि रखु इहो पहाको डेई पंहिंजो ध्यानु
मूर्ख खे समुझाइण में थे वक़्त जो नुक्सानु
भ्रष्टाचारीअ जो प्यारा, कडुहिं न कयो सन्मानु।

(७) जर में मछी जाम, खाइण वारा केतिरा?
धनु-दौलत जाम खरिचिण वारा थोरा!
अकुल मग़ज़ में जाम, वापराइण वारा केतिरा?
सिंधी लोक जाम, लिखण वारा केतिरा?





# रंग उड़ामी विया!

- प्रिया वछाणी

''हे भग़वान! एतरनि ड्रींहनि खां हिकु बि कपिड़ो कोन मिलियो आहे ऐं उस में घुमंदे-घुमंदे हिन प्लास्टिक जे सामान जो रंगु ई उड़ामी वेंदो। हे ईश्वार! अजु त कोई सुठो ग्राहकु ड्रियारि, जेको सुठा कपड़ा डुई हलको बासणु ख़ुशीअ ख़ुशीअ वठे। न त कहिड़ा माण्हू आहिन अजु कल जा, कपड़ा त पुराणा ऐं फ़ाटल ड्रींदा आहिन पर बदले में बासणु सुठो खपेन। असां ग़रीब काडे वञऊं, इहो त सोचींदा ई कान्हन। असां खे बि त साम्हूं वापारीअ खे विकिणणा पवंदा आहिन। जे ब्रु पैसा बचन ई न त पोइ उस, बरसात में ऐड्रो ब्रोझु खणी असां घिटीअ-घिटीअ में छो घुमऊं?'' इंजना इहो सभु सोचींदे-सोचींदे तैयार थियण लगी ऐं पुट खे सडु ड्रिनो, ''रवि पुट रवि!''

''जीउ मम्मी।''

''पुट तूं मूंसां अजु कम त हलंदे? अजु तुंहिंजो पपा कम सां वियो आहे।''

''पर मां हली छा कयां मम्मी? ही बासणनि जो टोकरो त मां खणी कोन सघंदुसि।''

''न पुट ही सज्रो टोकरो न खणु। हिन मां प्लास्टिक जी छली खणु ऐं उन में ब्रु-टे नंढा बासण विझु। बाक़ी ब्रियो मां खणां थी। ड्राहो थी पुट, हलु मूंसां।'' इंजना रविअ खे वेनतीअ जे लहजे में चयो त रवि राज़ी थी वियो पर साण पंहिंजी शर्त रखियाईं। ''मम्मी मां हेड्रनि ड्रींहनि खां तोखे खीरिणी ठाहिण लाइ चवां थो। पर तो कोन





वारी पन्नी ख़ाली करे छडी ऐं रवि डिसंदो रहिजी वियो। शायद हुनन अजु बूंदी सिङर न... रविअ जे हिकड़े सपने खे कौस... कौस कंदे छित ते उछलियो हो।

रवि मायूस थी वियो। होड्डांहुं आँटी ऐं मम्मी बि बहस में लगुल हुयूं। आँटी जेको बासण चवे पई इंजना उहो हुन खे डियण लाइ तैयार न हुई। रविअ खे पंहिंजो ब्रियो सपनो बि टुटण जो भउ थियण लगो।

''न... न... बस ऐतरा ई कपड़ा आहिनि। डियणो अथई त हीउ बासण डे, न त छडु भली।''

''चङो भेण डियांव थी, ब्रु वगा भैया जा ऐं हिकु वगो बबूअ जो विझो। भेण मां बि सजो डींहुं मेहनत कयां थी, ब्रु पैसा न बचंदा त कीअं हलंदसि!''

''चङो हिकु वगो हिनन जो डियाइ थी।''

''न भेण हिक वगे सां कुझु कोन थींदो। चङो हीअं कयो हिकु वगो भैया जो, हिकु तव्हा जो ऐं का चादर, पुराणी घड़ी, बंद मोबाईल कुझु बि हुजे हलंदो।

ऐतरे में अंकल अधु लीटर खीर जी पन्नी ऐं हिकु प्लास्टिक जो कटोरो खणी ब्राहिर अचण लगो।

कांव बूंदी सिङर सां गडु खीरु बि पीअंदा आहिनि? रवि सोचण लगो। हुन जे बाल मन वरी हिकु नओं सपनो डिठो।

'या अंकल खे ख़बर पइजी वई त मां खीरिणी खाइणु थो चाहियां। अजु ई मम्मीअ खे चयो बि हुयो। थी सघे थो भगुवान हिनन खे चयो हुजे। इनकरे ही खीरु खणी था अचन। छाकाण त कांव चोंच सां खीरु त न पी सघंदा।'

अंकल वरी ब्रिन्ही खे पार करे दर खां थोरो ब्राहिर अची बीठा ऐं कूर... कूर... कूर... जो आवाज़ करण लगा। अलाए किथां टे चार कुता अची विया। अंकल खीर जी पन्नी खोले, थोरो खीरु उन कटोरे में विझी कटोरे खे फर्श ते रखियो। नंढड़ा कुता हुन मां खीरु चटे चटे पीअण लगा। ख़त्म थींदे ई हुनन ब्रियो खीरु



विधो। ईअं कंदे कंदे सज़ी अध लीटर जी पन्नी अंकल कुतन खे पीआरे छड़ी।
''भैया तमाम सुठे ऐं दानी स्वभाव जा था लग़ुनि।'' इंजना चयो,
''भेण तव्हां बि हाणे घणो न सोचो, कुझु कपड़ा विझो त हीउ बासणु डुई थी वञांव। थोरो असां जो बि ख़्याल रखो।''
''न... न. हिनन खां वधीक कपड़ा कान्हन मूं वटि, ड्रियणो अथई त ठीक, न त छड्रि भली।''
हिनन ब्रिन्ही जो बहस बुधी अंकल विच में ग़ाल्हायो।
''भेण तव्हां खे समझ में अचे त खणो कपड़ा, न त छड्रियो, ब्रियो को खणी वेंदो। अधु कलाक खां तव्हां जो बहस हले थो।''
''तोखे बि कुझु कमु कोन अथई छा?'' अंकल आँटीअ ड्रांहुं मुख़ातिब थियो, ''हलु बंद कर हीउ ऐं मानी पाए।'' चवंदे अंदर हलिया विया।
धारी माईअ जे साम्हूं दड़का बुधण आँटीअ खे सहन न थियो। हुन सभई कपड़ा वापस अंदर खणंदे चयो, ''न मूंखे न ड्रियणा आहिनि हाणे कपड़ा, तूं वञु।''
''भेण गुस्से छो था थियो। हिकु वग़ो ड्रियो ऐं खणो हीउ बासणु।''
''न मूंखे हाणे न हीउ बासण खपे ऐं न ई तोखे ही कपड़ा ड्रियणा आहिनि, वञु तूं।'' चवंदे आँटी कपड़ा अंदर रखण लग़ी।
''पर भेण बुधो त सहीं।''
''न चयो न, वञु तूं।''
आंटीअ जी रड़ि बुधी इंजना चुपचाप टोकरो मथे ते रखण लग़ी। जेतरनि कपड़नि में आँटी बासणु घुरे पई ओतरनि कपड़नि में इंजना खे पोसाइजे कोन पियो त हुन उतां हलणु ई ठीक समझो।



रविअ जे अखियुनि जा सपना टुटी चुका हुआ। पर हुन जे ब्राल मन में केई सुवाल अथिलण लग़ा, 'छा को बि इन्सानु कुतन खे खीरु पीआरे, कांवन खे बूंदी सिङर खाराए त ई हुन में इन्सानियत हूंदी आहे? हू सुठे स्वभाव जो या दानी चवाराईंदो आहे!!!!!'





# आया आया बादल आया

- करुणा तोलाणी




१) आया आया बादल आया,
ॾुकन्दा ॾुकन्दा बादल आया,
पर फहराए मोर बि आया,
ॼणु बरसात जा वसकारा आया।



(२) सुकल धरती, हाणे साई थींदी,
नदियुन नालन में भरपाई थींदी,
खेतन खलिहानन में सावक ईंदी,
पोइ त पक बरसात थींदी।

(३) गांयुनि मेंहियुनि खे, गाहु मिलन्दो,
असां सभिनी खे, खीरु मिलन्दो,
हर प्राणी हाणे, सुखी थीन्दो,
बादलन कया आहिन लाया सजाया।







# कलयुग जो कृष्ण ऐं कंसु

- दीपावली सदारंगाणी

हिकु राजा हो, जंहिंजी दिली तमन्ना हुई त मां अहिड़ो हिकु मंदिरु ठहिरायां जंहिं मंदिर में कृष्ण जे बचपन खां वठी पूरी ॿाल कृष्ण लीला हुजे, जंहिंखे ॾिसी मनु गदगद थी वञे। इन मंदिर ठाहिण जे लाइ हिक सुठे में सुठी कला जे मालिक चित्रकार जी ज़रूरत हुई। चित्रकार ॻोल्हिया विया।

हिकु चित्रकारु आयो, जंहिंजे हथ में त चित्रकारीअ जो ॼणु कोई जादू हो। हुनर जो धणी हो। राजा उन खे ॿुधायो त मूंखे मुंहिंजे मंदिर में ॿाल कृष्ण लीला जो साॻियो जीतो जाॻंदो चित्रित वर्णन खपे। चित्रकार राजा जे इच्छा खे भांपे वियो ऐं राजा खे ॿाल कृष्ण लीला ठाहे ॾियण जी हामी भरियाईं।

राजा मंदिर जो सभु दारोमदार चित्रकारु खे ॾेई पाण महल में हली वियो। हाणे वरी चित्रकारु पंहिंजे कृष्ण जी तलाश में निकितो। हिकु अहिड़ो ॿारु जेको कृष्ण जे किरादर में फिट थी सघे। चङीअ तरह तलाश खां पोइ हिकु अहिड़ो ॿारु मिलियो जेको ॿाल कृष्ण जी लीलाउनि में फिट पिये थियो। चित्रकारु ॾाढा सुठा हिक खां हिकु सुठा चित्र ठाहिया जेके ॾिसी इएं पे लॻो त चित्र सभु पेन्ट कयल न पर सचा हुजनि। हूबहू कृष्ण जे किरदार जूं जीती जाॻंदियूं तस्वीरूं।

चङो समय गुज़िरी वियो हो। हाणे चित्रकार खे ज़रूरत हुई हिक कंस जी, जेको माण्हू कंस जे किरदार में फिट थी सघे। घणई ॾींहं गुज़िरी विया पर केरु न मिलियो। घणेई महिना निकिरी विया। अञा कंस जी ॻोल्हा पूरी न थी। पर चित्रकारु बि टस खां मस न थियो। चित्रकारु मंदिर में ई रहंदो हो। उन पंहिंजे जीवन जो हिकु-हिकु पलु कृष्ण लीला में लॻाए छॾियो ऐं कंस खे ॻोल्हींदो रहियो। चङो वक़्तु गुज़रण लॻो। इएं लॻभॻ २० वरिहियनि जेतिरो वक़्तु गुज़िरी वियो।

तॾहिं हिक ॾींहु अध रात जो मंदिर जे दरवाज़े ते हिकु नौजवान हटो कटो गबरु पहलानु अची बीठो। जंहिंजे अखियुनि में अंगारनि जो गरम जोश हो ऐं हथ में खंजरु। दिल-दिमाग़ में गुस्से जो जुनून







भरियल हुअसि। हूबहू बिल्कुल कंस जे किरादर जी फोटोस्टेट कापी हो। चित्रकार उन खे ड्रिसी ड्राढो ख़ुश थियो, छाकाण त उन महसूस कयो त उन खे कंसु मिली वियो। कंस जे किरदार लाइ माण्हूअ जी तलाश पूरी थी वेई। हू अञा मंदिर जे ब्राहिर ई बीठो रहियो हो तड्हिं चित्रकार चयुसि त "अचु अंदर अचु कंस, मूंखे २० वरिह्यनि खां तुंहिंजी ई त तलाश हुई।" चित्रकार हुन जो हथु पकड़े अंदर वठी आयुसि।

हिक अहिड़ी जगह ते विहारियांईसि जिते चित्रकार खे कंस जो चित्र ठाहिणो हो। उन चित्र ठाहिण चालू कयो, ऐतिरे में थोड़ी दे खां पोइ नौजवान जी नज़र अची मंदिर जे भितियुनि ते पेई। कृष्ण जी लीलाउनि जो पूरो चित्रणु ड्रिसी उन जे अखियुनि मां अश्क लुड़की पिया। टपु-टपु कंदड़ नेण उन जे दरद रूपी ज़ख़्मनि ते नमक छिड़के रहिया हुआ। हू ज़ार-ज़ार रोअण लगो। जेतिरो पियो रोए, आंसू ओतिरा पिया अचंस।

तड्हिं चित्रकार ड्रिसी करे चयुसि त "कंस, तूं रोउ न, तुंहिंजे रोअण सां हीउ कंस जो किरदारु तो मां ख़त्म थी वेंदो! न-न तूं रोउ न। जल्दी ई मां तुंहिंजो चित्र पूरो थो कयां।"

चित्रकार हुन जा लुड़क उघी करे वापस हुन जो जल्द चित्र पूरो करणु लगो। तेसींताईं त नौजवान जे दिल ऐं दिमाग़ में अलाए केतिरियूं ग़ाल्हियूं हिचकोला वठी रहियूं हुयूं।

हाणे वञी चित्रकार खे शांति आई, छाकाण त आख़िरकार

चित्रकार जी तस्वीर पूरी थी। ॾाढी ख़ुशी ज़ाहिर कंदे नौजवान खे तस्वीर ॾेखारे चयाईंसि त, ''ॾिसु केॾो न सुठो कंसु आहे, अॼु वञी मूंखे चैन मिलियो। हाणे तूं ॿुधाइ, तूं छो रोई रहियो हुएं?'' कंस जो नालो ख़ुद जी तस्वीर सां जुड़ियल ॾिसी नौजवान जे अखियुनि मां ॻोढ़नि जी बरसात वरी वहण लॻी।

पोइ उन चयो त, ''हे चित्रकार, तो मूंखे शायद कोन सुञातो। जेके तो हीउ चित्र कृष्ण जी ॿाल लीलाउनि जा ठाहिया आहिनि इहो नौजवान ॿियो केरु न मां ई आहियां। तुंहिंजो कृष्ण ऐं हाणे हेॾनि सालनि खां पोइ कंस जो किरदार चित्रित करण जे लाइ बि कुदरत मूंखे अॼु तो वटि मोकलियो आहे। मंज़िल ते पहुचाइण जे लाइ मालिक रस्तो ठाहियो ख़ुद हिते अचण जो, मूंखे कृष्ण मां ख़तरनाकु दैत्य कंसु ठाहे छॾियो। केतिरी न विडम्बना आहे मुंहिंजे हिन जीवन जी, त कृष्ण बि मां त कंसु बि मां ई आहियां।''

हीउ सभु ॿुधी चित्रकार खे ॾाढो दुःख थियो ऐं नौजवान खे गले सां लॻाए आथतु ॾियण लॻो।





कीकड़ाईंदा भ॒ज॒ी विया। उन्हनि खे भ॒ज॒ंदो ड॒िसी ब॒िया बांदर बि उतां भ॒ज॒ी विया। रस्तो बांदरनि खां ख़ाली थी वियो। स्वामीजी उन बनारस जे माण्हूअ खे धन्यवाद, महरबानी चई पंहिंजी मंज़िल ड॒ांहुं अग॒ियां वधिया।

स्वामीजी हिन वाक़ियात (घटना) जो बियान कंदे चयो आहे त, "ज़िंदगीअ में जड॒हिं बि असां पंहिंजी मंज़िल ड॒ांहुं अग॒ियां वधंदासीं त तमाम घणियूं मुसीबतूं ऐं तकलीफूं असां खे तंग करण लाइ हिनन बांदरनि वांगुर ईंदियूं। डिज॒ी करे असां जे भज॒ुण शुरु कंदासीं त वधीक तंग कंदियूं। पर जे असां हिमथ सां मुक़ाबिलो कंदासीं त मुसीबतूं दूर वेंदियूं ऐं असां मंज़िल ते पहुची वेंदासीं।"

ङ्ग'हिमथ सां मुंहं ड॒ियो, मंज़िल चरण चुमंदी।"



# जय जय सिन्धू

- नम्रता तोलाणी



नमामि सिन्धू, नमामि सिन्धू
जय जय सिन्धू, जय जय सिन्धू
नमामि सिन्धू...



वेदन जी तूं आहीं वाणी
अमृत आहे, तुंहिंजो पाणी
सभ खां प्राचीन, तुंहिंजी कहाणी
तूं जीजल, तूं माता सिन्धू
नमामि सिन्धू...




सिन्धूअ मां, हिन्दू नालो मिलियो आ
देश असांजो, हिन्दस्तान बणियो आ
वेदन वर वर तुंहिंजो गान कयो आ
मोअन जे दड़े जी, संस्कृति सिन्धू
नमामि सिन्धू...



सिन्धू तोखे कीन भुलिया आहियूं
सिन्धू दर्शन जी था यात्रा हलायूं
सिन्धू किनारे, सिन्धू भवन था ठाहियूं
सिन्ध स्मृति दिवस, याद आ सिन्धू
नमामि सिन्धू...















ڪ راجيہ جو مکيہ وزير ٿيو. ڏسو! دعا ۾ ڪيڏي نہ طاقت آهي!

هڪ ٻار غريبيءَ جي ڪري اسڪول مان موٽي اچي هڪ سيٺ وٽ ڪم بہ ڪندو هو ۽ پنهنجي پگهار مان في بہ ڀريندو هو ۽ باقي پئسا ٿي پنهنجي امڙ کي ڏيندو هو. اُن جي ماءُ هڙئو اولاد حاصل ڪري ادو خوش هئي.

هڪ دفعي هِن غريب ٻارَ ڏٺو تہ، ڪو فقير اسڪول جي پر ۾ ويهي وئي رهيو هو. اُن غريب ٻار هن کان پڇيو، ''چو تو روئين؟''


فقير وراڻيو، ''اڄ ڪجھ بہ خيرات ۾ نہ مليو آهي. مان ۽ نهنجي امان ۽ اَبو اڄ ڇا کائيندا؟ هن غريب ٻالڪ جيڪا في آندي ئي اسڪول ۾ ڀرڻ لاءِ، اها ان فقير کي ڏيئي ڇڏي. شام جو جڏهن هر موٽيو تہ ماءُ کي سچو احوال ڏنائين.

ماڻس خوش ٿي ۽ ان کي ٻيا پئسا ڏنائين تہ جيئن هو ٻئي ڏينهن سڪول جي في ڀري سگهي.

اُن شهباز پکيءَ هن غريب ٻار تي ڇانوَ ڪئي... اُهو ٻار وڏو ٿي ام ذهين ۽ ڏاهو ثابت ٿيو ۽ يونان جو بادشاہ بڻيو.

سنائيءَ، ڀلائيءَ ۽ چڱائيءَ سان اسان پنهنجو بخت بہ بدلي ڻهون ٿا.









# شهباز پکي

هولارام هنس



يونان جي شهر اٿينس ۾ هڪ شهباز پکي پيو لامارا ڏيندو هو. هن جو مکيه ڪاريه اِهو هو ته جيڪو ٻار ڪو سُڪاريه (سٺو ڪاريه) ڪندو هو ته هو ان جي مٿان چانوَ ڪندو هو. چانوَ ڪرڻ سان اهو ٻالڪ يا ٻالڪا وڏي هوندي وڏو ماڻهو بڻجندو هو.

هڪ ٻالڪا روڊ ڪراس ڪندي ڏٺو ته هڪ ٻڍڙو ڪمزوريءَ جي ڪري رستو پار نه ڪري پئي سگهيو. ان ٻالڪا ان ٻڍڙي جو هٿ وٺي ان کي رستو پار ڪرايو. شهباز پکيءَ ان ٻالڪا تي چانوَ ڪئي ۽ اڳتي هلي اُها ٻالڪا جڏهن وڏي ٿي ته اٿينس شهر جي هڪ تمام وڏي شاهوڪار ناري بڻي.



هڪ ٻالڪ اسڪول پئي ويو ته هن ڏٺو ته هڪ بيمار رستي تي پيو هو ۽ هو پاڻي... پاڻي... پُڪاري رهيو هو. پر ڪوبه راهگير هن کي پاڻي پيئارڻ جي ڪوشش نه ڪري رهيو هو.

هن ٻالڪ پنهنجي پاڻيءَ جي بوتل مان ڪجهه پاڻي، ان بيمار کي پيئاريو. بيمار هن کي دعا ڪئي ۽ چيو، ”شل ايشور توتي مهر ڪري.“



ان شهباز پکيءَ جڏهن هيءُ درشيه ڏٺو ته اُن ٻالڪ تي چانوَ ڪئي. اُهو ٻالڪ پڙهڻ ۾ به هوشيار هو. جڏهن هو وڏو ٿيو ته اٿينس شهر جي











هئي. پر هو همٿ ساري اُڏامي رهيا هئا تہ ڪٿي ڪانو هنن جي اکين
اوجهل نہ ٿي وڃي. پکي ڪانوَ کان چڱو پري هئا. جئن - تئن ڪري اُن هنڌ
. جئن ئي وڏيڪ وِيجهو ويا تہ هنن جي نظر گڏي تي پيئي. هنن کي ڊپ
ي ويو تہ ڪٿي اهو هنن کي ڏسي نہ وٺي ۽ ماري پچائي نہ ڇڏي. هنن
پاس ترسي ڪانوَ جي موٽڻ جو انتظار ڪرڻ شروع ڪيو. ڪانو جئن ئي
 واپس موٽيو پکين هن تي اوچتو گهيرو ڪيو ۽ هن جيڪو داڻو ڪتنب
پاتين لاءِ کنيو هو اهو کسي پاڻ چڱڻ لڳا. ڪجهہ راحت پائي جهرڪين
وَ کان داڻي بابت پڇيو تہ اِهو هن ڪٿان آندو؟ سوارٿي ڪانو چپ رهيو.
پکين بہ هن کان سوال ڪيا پر هو اهڙو ڪچي جهڙي پت! آخرڪار ڪوئل
وَ کي ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن تون سچ نہ ٻڌائيندين تہ تون جيڪي
جا ٻار منهنجي آکيري ۾ ڇڏي ويو آهين مان اُنهن کي ماري ڇڏيندس.
قت اِها آهي تہ ڪانوَ پنهنجا ٻچا پالڻ لاءِ ڪويل جي آکيري ۾ ٻار - انڊا
 ايندو آهي. ڪانوَ لاچاريءَ کان پکين کي سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽
تہ مونسان گڏجي هلو ۽ اوهين بہ ٻنيءَ مان هلي داڻو، چڳيو.
کي ڪانوَ سان گڏ هليا ۽ جئن ئي هو ٻنيءَ ۾ ويجهو پهتا گڏي کي ڏسي ڊپ
 جهم ڪائي ٻيهي رهيا. ڪانوَ هنن کي اڳتي اچڻ لاءِ سڏ ڪيا پر پکين ٻڌو
ڏو ڪري پاڻ پنتي موٽ ڪائڻ شروع ڪئي. ڪانوَ هنن جي پرسان ويو ۽
 وڏڻ لاءِ چيو. موٽ ۾ پکين ٻنيءَ ۾ بيٺل گڏي طرف اِشارو ڪيو. هو
هي ويو تہ پکي گڏي کان ڊڄي رهيا آهن. هن زوردار ٽهڪ ڏنا ۽ چيو،
هين ڊڄو نہ. هيءُ اسانکي ڪجهہ بہ نہ ڪندو. هيءُ بي جان آهي.'' پکين
 تہ، ''تون ڪيئن ٿو چوين تہ هي بنا ساهہ وارو اِنسان - پتلو آهي؟''
ڪانوَ موڊ ۾ اچي جواب ڏنو تہ، ''ساٿيو اڄ ڪالهہ موبائيل جو زمانو آهي.
ڪالهہ هر ڪنهن اِنسان جي هٿ ۾، ڪنن تي موبائيل آهي. اِهو تہ توهين
ٿا. هيءُ جيڪڏهن اصلي اِنسان هجي ها تہ هن جي هٿن يا ڪنن تي
يل ضرور هجي ۽ چرپر ڪندو هجي ها.'' پکي ڪانوَ جو جواب ٻڌي ڪجهہ
 حاصل ڪري ڪانوَ سان گڏي جي ويجهو ويا. هن جي اردگرد لامارا ڏيئي،
و ورتو ۽ تصديق ڪري پاڻ بہ ٻنيءَ ۾ لٿا. ڀرپور داڻو چڳيو ۽ پاڻي پي
ي حاصل ڪئي ۽ ڪانو جي سياڻپ جون سرڪيون ڀري مؤتمار گرميءَ
ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.











ڊپ وچان ٻڇي وڃن ۽ کيت ۾ اچڻ جي همت ئي نه ڪن ۽ ٻڪل فصل ڪ ڪوبه نقصان نه پهچائين.

ڪانوَ جڏهن اُن ڳڏي کي ڏٺو ته هن جي ٻنيءَ ۾ وڃڻ تي همت نه ٿي دل ۾ ڊپ به قائم ٿيو ته ٻنيءَ ۾ بيٺل هن اِنسان جيڪڏهن مونکي ڏسي ور ته مونکي ماري پڇائي ڇڏيندو. هو ڏاڍو نراس ٿي ويو. پر چوندا آهن ته بُ ٻچڙو ٿول داناءَ ديوانا ڪري. همٿين مردان مددي خدا. جتي چاهه اُتَ راهه. ڪانوَ به همٿ رکي آهستي-آهستي ڳڏي جي ٻئي طرف بنا ڪنه آواز ڪرڻ جي وڃي بيٺو جٿن ڳڏو هن جو آواز نه ٻڌي سگهي ۽ نه ئي ور ڏسي سگهي. هن ڏٺو ته پٽلي ۾ ڪابه چرپر ڪونه هئي. هن جي ٿوري هم وڌي ۽ پڪ ڪرڻ لاءِ هن پنهنجا پر ڦڙڪايا. هن جي مٿي تي زور سان ٺونڊ هنيو. پر هن کي پٽلي وٽان ڪابه موٽ ڪونه ملي. هن جي همٿ اڃان وڌي. هو تکڙو تکڙو کيتيءَ طرف وڌيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريند ساوڏان رهندي مٿان ڪو اوچتو حملو نه هن مٿان ڪڙڪي. تکڙو-تکڙو اَن چڳيو ۽ کڏ ۾ پريل پاڻي پي ساهت جو ساهه کنيو. راحت ملڻ سان هو اُڏام موٽي اچي پنهنجي ماڳ پهتو ۽ وڻ تي وهڻ سان ئي هن کي گهري ننڊ وراڏ ويئي. ٻيا پکي جيڪي اُڃ-بک جي ڪري ننڊ ڪان هلاڪ هئا اُتي هيءُ ڪاڏ گهرا گهرا کونگهرا هڻي رهيو هو. کونگهرن ڪري پکين جي آرام ۾ رُڪ پئجي رهيو هو. پکين کي ڪانوَ جي آرام دائڪ ننڊ جي راز جي ڪابه ڄاڻ هئي. صبح جو ڪانوَ بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي اُڏامي ٻنيءَ پهتو. ڍءُ ڪر کاڌو. پاڻي پيتو ۽ شام جو گهر موٽندي پاڻ سان گڏ ڪجهه داڻا به کڻي آيہ اچي پنهنجي ڪٽنب جي ٻاتين کي کائڻ لاءِ ڏنا. اُهي به داڻو کائي ترپ ٿيا. پر ڪانو کان پڇڻ جي ڪنهن به ڪوشش ڪونه ڪئي ته آخرڪار ڪٿان ٿو داڻا کڻي اچي؟ ٻين پکين کي ڪجهه سمجهه ۾ نه ٿي آيو. ته جڏه هو اُڃ بک ڪري ساڻا ٿي پيا آهن. ويڳاڻا به آهن پر هيءُ ڪانوَ ۽ هن ڪٽنبي اڻانگين حالتن ۾ به سنتوش سان جيون بسر ڪري رهيا آهن. ه کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي؟

آخرڪار ڪجهه پکين راز ۽ حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ڪانوَ جو پيڇو ڪيو. ڪ تکڙو تکڙو اُڏامندو ٿي ويو. هنن کي ڪمزوريءَ سبب اُڏامڻ ۾ تڪليف ڏ











# سياڻو ڪانءُ

چينو لالواڻي



دست گرميءَ ۽ گهٽ برسات ڪري شهر ۾ ڏڪر پيو هو. جتي ڪٿي سوڪ
ڪ نظر اچي رهي هئي. نديون تلاءَ سڪي ويا هئا. زمين بہ سخت گرميءَ
سڪي نوٽ ٿي وئي هئي. ماحولات عملدارن اڳڪٿي ڪئي تہ اجان
ڪجهہ ڏينهن گرم هوائون لڳنديون. ٿرماميٽر ۾ گرمي پد وڌندو. اطلاع
رين ايلرٽ بہ جاري ڪيو هو ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪجهہ هدايتون ۽
ن بہ جاري ڪيون هيون. گرميءَ سبب نہ صرف اِنسان پر پسون پکي بہ
حيران - پريشان هئا. اِنسانن وٽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ ايئرڪنڊيشن،
۽ ٻيا ساڌن هئا پر ويچارا پکي - پسون ڪاڏي وڃن؟ شهر لوهہ ۽ سيمينٽ
ئتن سان ڀريو پيو هو. گهڻ ماڙ بلڊنگون ننڍڙن سان روڊن رستن تي وڌندڙ
ت ڪري وڻ بہ ڪپيا ويا هئا. باغيچا بہ سوڙها ٿيندا ويا هئا. پکين کي
ڇانوَ جي ٻيو ڪو گرميءَ کان بچاءَ لاءِ وسيلو ڪونہ رهيو هو. وڻ بہ ڇڊا پاڊا
ا هئا جنهن ڪري ڇانوَ بہ تپت سان ڀرپور ٿيندي پئي ويئي. پکين -
۽ هونئن بہ اِنسان داڻو، پاڻي، رستن، بلڊنگن مٿان رکندا هئا پر سخت
ءَ سبب گهرن مان نڪرڻ ئي محال ٿي پيو هو اهڙي حالت ۾ جيوَ ديا،
سون، هنن کي ڪٿان ياد ايندا. هو پاڻ مان ئي خفي هئا.

چارن پکين داڻي - پاڻيءَ لاءِ ڪافي لامارا هنيا. گهٽيون، رستا، بلڊنگون
ي هٽي هنڌ ڪندا هئا پر پيٽ ڀرڻ جيترو داڻو پاڻي هنن کي نصيب ۾
نہ ٿيندو هو.

ڏينهن هڪ ڪانءُ ولر سان اُڏامندو - اُڏامندو شهر کان ڪافي پري
ويو. هن شهر جي سرحد وٽ ڪجهہ ڳوٺ ڏٺا. هن ڳوٺن مٿان لامارا هنيا،
تپت سبب ڳوٺن جي حالت بہ خراب هئي. سڀ ٻنيون ٻارا سڪل هئا. هو
ٺان اُڏامي رهيو هو تہ اچانڪ هن کي هڪ ڳوٺ ۾ پري کان ڪجهہ ساوڪ
ي. هن جي من ۾ ڪجهہ آس جنم ورتو. آٿت پائڻ لاءِ هو ساوڪ واري
و. هن ڏٺو تہ اُتي هڪ ٻني هئي جتي هاريءَ پنهنجي زمين ۾ ڪوٽيل
ن ڪيتي ڪئي هئي. فصل بہ پچڻ تي هو. لڻڻ ۾ اجان ڪجهہ ڏينهن
رميءَ کي لڳو هو تہ ڪٿي ڪانوَ يا ٻيا پکي تيار پڪل فصل کي خراب،
ڪري وجهن. اِن لاءِ ٻنيءَ ۾ هن هڪ گڏو (اسڪيئوڪرو) لڪڙيءَ تي
رائي پتلو ڪڙو ڪيو هو جئن هو اُن کي اِنسان سمجهي پري کان ڏسي









پوي ٿي. صفائي رکڻ سان شخصيت جو بہ وڪاس ٿئي ٿو.

ڳوٺن ۾ صفائي قائم رکڻ جي جوابداري پنچايتن جي ۽ شهرن ميونسپالٽيءَ جي هوندي آهي. صفائيءَ سان ڳوٺن ۽ شهرن جي سونهن سوي ۾ اِضافو ٿئي ٿو. صفائيءَ جي هن مشغوليءَ ۾ ماڻهن جو ساٿ سهڪار ضرور آهي. ڀارت سرڪار بہ اِهو ظاهر ڪيو آهي تہ گندگي راشٽريہ روڳ آهي. اِ ڪري اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ''سِوَڇ ڀارت اَڀيان'' شروع ڪيو ويو آهي. سڄ ديش سڄاڳ ٿي ويو آهي. پارليامينٽ جا ميمبر بہ پنهنجن هٿن ۾ ٻُهار ڪٽي رستا صاف ڪندا نظر اچن ٿا. اِنڪري ديش جي سڀني ناگرڪن فرض آهي تہ هن ڪم ۾ اڳتي اچن ۽ ديش کي صاف رکن.

















و قٽي نہ ڪرڻ گهرجي. ٽُڪون نہ اُڇلائڻ گهرجن. گندگيءَ جي ڪري
ٽڻ ۾ مونجهہ محسوس ٿيندي آهي.
نوٽيڪ اِها اَسانجي ديش جي حقيقت آهي تہ ڀين هنڌن کان وڌيڪ
ا اَسانجي تيرٿ اِستانن تي هوندي آهي. ڌارمڪ هنڌن تي گهڻي
۾ ماڻهو ويندا آهن پر اُهي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گهڻي انداز ۾ گندگيءَ جو
ڪندا آهن. اِهو ڏيکاري ٿو تہ اَسانکي صفائيءَ بابت گهڻي لاپرواهي
اَسان پنهنجي گهر ۽ اڱڻ کي هڪدم صاف رکون ٿا پر گهر جي آسپاس
و اُڇلائي ڇڏيون ٿا. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو شهرن ۽ ڳوٺن جا رستا
يءَ سان ڀريا پيا آهن.
نجي راشٽرپتا مهاتما گانڌيءَ جو سپنو ساڪار ٿيو آهي. هنن سڄي
۾ صفائيءَ جو وڪاس ڪرايو هو. جيڪڏهن گانڌيجيءَ کي گهٽين ۽
ستارن ۾ ڪٿي بہ ڪچرو ڏسڻ ۾ ايندو هو تہ نگرواسين کي هوُ صلاح
هئا ۽ چوندا هئا : ”اچو، اَسان پنهنجي ديش کي صاف رکڻ لاءِ قدم
وڌايون.“ هنن ديش کي ”جتي صفائي اُتي خدائي“ جو نعرو ڏنو.
جي آشرم واسين کي صفائيءَ جو سبق سيکاريندا هئا. نتيجي طور
واسي روز صبح جو سموه ۾ صفائيءَ جو ڪم ڪندا هئا. اُنهن سان گڏ
ڻي بہ صفائيءَ جي ڪم ۾ شامل ٿي ويندا هئا.
ئي ساريرڪ، مانسڪ ۽ سماجڪ نموني هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ هرهڪ
ا تندرست رهڻ لاءِ صفائي تمام گهڻي ضروري آهي. جيڪڏهن
ي گهرن جي آسپاس ۽ پنهنجي سرير جي صفائي رکجي ٿي تہ ان
ماريءَ کان بچي سگهجي ٿو. گندگيءَ جي ڪري مکيون ۽ مڇر ٿيندا
نهن سان بيمار ٿيڻ جو ڊپ رهي ٿو ۽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي ضرورت



# جتي صفائي، اُتي خُدائِي

وي. ڪي. سومجاڻي



اَسانجي ڀارتيہ سنسڪارن ۾ سالن کان هڪ مڃتا آهي تہ جتي صفائي هوندي آهي، اُتي لڪشميءَ جو واس هوندو آهي. ايتري قدر جو اَسانجي ڌارمڪ گرنٿن ۾ اُن لاءِ ڪيترين سوچنائون بہ ڏنيون ويون آهن.



صفائي ڪنهن کي نہ ٿي وڻي؟ اَسانجو سرير صاف هجي، اَسانجا ڪپڙا صاف هجن، اسانجي گهر جو اڱڻ صاف هجي، اَسانجي ڳهٽي صاف هجي اَسانجا رستا صاف هجن، اَسانجا عام هنڌ صاف هجن تہ سيني جو آنند وڌي ويندو آهي. اَسان ڪنهن بہ مندر ۾ ويندا آهيون تہ اُهو ڪيترو نہ صاف سهڻو ۽ روشن هوندو آهي! مندر ۾ ڪٿي بہ ڪچرو رهڻ نہ ڏبو آهي ڇو ديوتائن کي هميشه صفائي پسند هوندي آهي. شُڌ ۽ صاف وايومنڊل ۾ ديو کي بہ درشن ڏيڻ تي دل ٿيندي آهي. ان ڪري تہ چوندا آهن : ''جتي صفائي، اُتي خدائي'' اهڙيءَ طرح هرڪو پنهنجي گهر جي صفائي سنائيءَ تي ڇڱو توجه ڏيندو آهي تہ جيئن اُن گهر ۾ رهڻ لاءِ سندس دل ٿئي خوشي حاصل ٿئي.



مِٽي ۽ ڪِنُ مرض جي ماءُ آهي. سياڻن سچ چيو آهي يعني يڪ تندرستي هزار نعمت. صفائي کانسواءِ صحت کي سالم نموني سنڀالڻ مشڪل آهي. گهر جي صفائي ه سياڻپ پريو قدم آهي. اوڙي پاڙي ۾ پڻ صفائي رکڻ گهرجي. هِتي هُتي









ن تہ ٻئي ڪيڪڙي جواب ڏنو تہ، ”نہ اُتي تہ هتان جو هڪ بہ جيوَ ڪونہ
تو آهي.“ اِهو ٻڌي پهريون ڪيڪڙو بنا ويرم جي سموري ڳالهہ سمجهي
و تہ بگهہ چالاڪيءَ سان سيني کي پنهنجو شڪار بڻايو آهي. هن من ئي
۾ بگهہ کي ڪيل ڪپٽ جو سبق سيکارڻ جو اِرادو ڪيو. هو بگهہ وٽ آيو
ڪيس نيزاري ڪندي چيائين، ”مونکي ساٿين جي ڏاڍي سڪ تي
ائي. مهرباني ڪري مونکي ترت ئي پهاڙ جي هن طرف واري تلاءَ ۾
ي هل.“ بگهہ اَندر ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ سياڻي ڪيڪڙي جو تازو ۽ لذيذ
س کائڻ لاءِ ملندو ۽ سو بہ گهر ويٺي. ٻئي ڏينهن صبح جو بگهہ ڪيڪڙي
پنهنجي پٺيءَ تي وهاري وٺي اُڏاڻو. جيئن ئي ٿورو مٿي پهتو تہ
ڪڙي ڪيس چڪ پائڻ شروع ڪيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس رتو ڇاڻ ڪري
ڏيائين. بگهہ چيس، ”هي ڇا پيو ڪرين، توکي هن تلاءَ تي وٺي هلڻ
ي پلائيءَ جو ڇا اِهو بدلو آهي؟“ ڪيڪڙي چيس، ”نہ، مونکي هن پر وٺي
ڻ جو نہ پر منهنجن ساٿين سان ڪيل ڪپٽ جو بدلو آهي.“ زخمي بگهہ
ڪڙي سميت اَچي پٽ تي ڪريو. ڪيڪڙو بہ تلاوَ ۾ واپس آيو ۽ سيني
ون کي بگهہ جي ڪپٽ کان واقف ڪيائين. سيني جيون حياتي بچائڻ
ڪيڪڙي جا شڪرانا مڃيا.









حالت ۾ بک مرڻو پوندو. گهڻي سوچ ويچار بعد کيس هڪ ترڪيب سُجهي. هن اُن تي ترت ئي عمل ڪرڻ به شروع ڪيو. هوُ ساندهه هڪ پير تي بيهڻ لڳو ۽ اکيون پڻ بند ڪري ڇڏيائين. ٽن ڏينهن بعد ڪجهه ننڍيون مڇيون وٽس آيون ۽ چيائون، ”هي مهاتما، توهان ٽن ڏينهن کان ائين مؤن چو ڌارڻ ڪيو آهي؟ ڪجهه کاڌو پيتو به ڪونه اَٽو؟ ڇا ڳالهه آهي؟“ بگهه دکي آواز ۾ چيو، ”مان ٽن ڏينهن کان ڌيان ۾ مگن هئس. اُن درميان مونکي هڪ اِشارو مليو ته هفتي جي اَندر هن تلاءَ جو باقي بچيل پاڻي به سکي ويندو ۽ اَسان سڀ اَجل جو شڪار ٿينداسين. پر مونکي هن مسئلي جو حل پڻ ڌيان ڪرڻ درميان حاصل ٿيو. جيڪڏهن اَسان پهاڙ جي هنِ پاسي واري تلاءَ ۾ هلي رهون ته بيشڪ بچي ونداسين. مونکي اُن تلاءَ تائين پهچڻ ۾ فقط به منٽ لڳندا. جيڪڏهن توهان جي اِڇا هجي ته مان هرروز واري-واري سان اوهانکي اُتي پهچائي اَچان ۽ جسِ جو پاڳي بڻجان. ڇاڪاڻ ته نيٺ اَسان سڀني جو جنم کان ناتو آهي ۽ اَسين موٽي ڪٽنب (تلاءَ) جا ڀاتي آهيون.

تلاءَ جي سڀني جيون کي بگهه جي ترڪيب وڻي ۽ اُنجي پنيرائي ڪئي. سڀ کان اول بگهه وچولي قد جي جيتن کي پنيءَ تي ويهاري اُڏامندو هئو ۽ پهاڙ تي لهي کين ڳرڪائي ويندو هئو. اَهڙيءَ ريت ٽي ڏينهن گذري ويا. چوٿين ڏينهن هڪ ڪيڪڙو اَچي اُن تلاءَ ۾ پهتو. تلاءَ ۾ پهرين ئي هڪ ڪيڪڙو مؤجود هئو. ٻئي هڪ ٻئي سان ملي حالي اَحوالي ٿيا. تلاوَ ۾ موجود ڪيڪڙي آيل ڪيڪڙي کان پڇيو، ”تون ڪٿان آيو آهين چو؟“ نئين آيل ڪيڪڙي جواب ڏنو، ”مان پهاڙ جي هن پاسي واري تلا مان آيو آهيان. اُتان اَچڻ جو ڪارڻ اِهو آهي جو اُهو تلاءُ بلڪل سکي وي آهي.“ پهرئين ڪيڪڙي جي پڇڻ تي ته ڇا هتان جا ڪجهه جيوَ اُتي پهت













# بگهہ ۽ ڪيڪڙو

رميش ٽي. آڏواڻي

ڏکڻ ڀارت جي نيلگري ٽڪرين جي وچ ۾ هڪ ننڍو پر خوبصورت تلاءُ
و. جنهن ۾ ڪيترائي جلچر جيوَ واسو ڪندا هئا. تلاءَ ۾ نيري ڪمل جي
ن سندس خوبصورتيءَ ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا.

اُن تلاءَ ۾ ٻين جيوَن سان گڏ هڪ اَڇو بگهہ پڻ رهندو هئو. هوُ ننڍيون
ڍيون مڇيون ۽ جيت کائي ڪري ٿلهو متارو ٿي ويو هئو. بگهہ سان
وگڏ تلاءَ جا ٻيا جيوَ بہ سگهارا ۽ خوش نظر پئي آيا جنهنجو ڪارڻ هئو
ۃ ۾ سيني لاءِ ڀرپور کاڌي جي مؤجودگي. اهڙيءَ ريت وقت گذرندو
ي ويو. جنهنجو اثر بگهہ جي عمر تي پڻ پيو. سندس سرير ڏينهون
نهن پنيان پئي پوندو ويو. ننڍا-ننڍا جيت تہ هوُ سؤلائيءَ سان
کائي ويندو هئو. پر مڇيون ۽ ٻيا وڏا جيت پڪڙڻ جي شڪتي
جهانئس موڪلائيندي پئي ويئي. جيڪا سندس فڪرمند ٿيڻ جو
ٽ بڻي.

بگهہ هڪڙي ڳالهہ ڳٽتيءَ مان ٻاهر ئي نہ نڪري سگهيو تہ مٿان قدرت اَڇي
تيس جو لڳاتار بہ سال برسات نہ پوڻ سبب تلاءَ جو ترو اَڇي ظاهر ٿيو.
ن بگهہ جي ڳٽتيءَ ۾ اِضافو ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ پاڻيءَ جي اَڻاٺ
ب جيوَ-جنتو بہ گهٽجي ويا. بگهہ من ۾ ويچار ڪيو تہ زندہ رهڻ لاءِ يا
هيءُ تلاءُ ڇڏي وڃڻو پوندو يا ٻي ڪا ترڪيب سوچڻي پوندي. ٻيءَ



# اچو گڏجي ڏياري ملهايو

هرشا چُگهہ



هر گهر ۾ هڪ ڏيئو جلايو،
هرهڪ ماڻهوءَ کي گلي لڳايو،
مٺايون کائو ۽ سڀ کي کارايو،
ملي جُلي سڀ ڏياري ملهايو.



شڪتي پوڄا جو ڏڻ نوراتري،
دُرگا ماتا جي اُتاريسين آرتي،
دسهري تي اڌرمي راوڻ ماريو،
هاڻي گڏجي سڀ ڏياري ملهايو.





رام راڄ جي پوءِ ٿي شروعات،
هرهڪ کي ملي سکن جي سوغات،
ڌرم راڄ رام سمجهايو،
پيد ياءُ مِٺائي، ڏياري ملهايو.



ڪيوَٽ شبري، اهليا سان
ملنداسين،
ڏن جو سنديش
سڀ کي
ڏينداسين،
سکي رهو سڀ،
رام راڄ آ آيو،
ملي جُلي سڀ
ڏياري ملهايو.









# ٽِم ٽِم تارا

مينا شهدادپوري

ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا اُڀ جا تارا،
مُرڪي ڪن ٿا جڳ ڏي اِشارا



- ٻارن وانگر لڳندا آهن،
رات ۾ فقط ڏسبا آهن،
ڊيڄارن ٿا بادل ڪارا.

ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا اُڀ جا تارا

- چوڌار چنڊ جي رهندا آهن،
سار اُنهيءَ جي لهندا آهن،
چنڊ کي آهن تڏهن پيارا



ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا اُڀ جا تارا

- گھوٽ چنڊ آ، اُڀ ساري جو
ساهه منجهس آ هر تاري جو
جڳ لئہ خلق، عجب نظارا

ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا اُڀ جا تارا



- ڀيد ڀاوَ جي ڳالھ نہ ڄاڻن،
'مينا' سڀ ڏي ڪِلي نهارين،
نينهن جا سدا ڪن وسڪارا

ٽِمر ٽِمر ڪن ٿا اُڀ جا تارا
مُرڪي ڪن ٿا جڳ ڏي اِشارا.





# هيمون تنهنجو نالو

نِشا ڪتاني

هيمون تنهنجو نالو، اسان امر ڪنداسين
تو قربان ڪئي جان، اسان سڀ ڪجهه ڪنداسين.



ماتا کي غلام، توکان ڏٺو نہ ويو،
انگريزن جو ظُلم، توکان سَٺو نہ ويو،
غلاميءَ جي گاڏي، پٽريءَ تان لاهينداسين.
هيمون تنهنجو نالو...




سنڌي جوان توکان، پريرڻا وٺنداسين،
ديش لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪنداسين،
اکنڊ ڀارت جو سپنو، ساڪار ڪنداسين.
هيمون تنهنجو نالو...

نيٽورام شرماءِ پريم رامچنداڻي،
ڌُرايو اُنهن هو، هيمون ڪالاڻي،
ڀارت جو جهنڊو، لهرائيندا رهنداسين.
هيمون تنهنجو نالو...









# بنا پاڇ قداور باندر

بلرام شهاڻي



ٻارو، وگيانين جي راءِ مطابق هن پرٿويءَ تي سڀ کان اول جيکي
اهوارا پيدا ٿيا سي هئا درياهي جيوَ. صدين بعد اُسرندي اُسرندي اُنهن
ان کان جيوَ جنتن ۽ پرن ذريعي اُڏامندڙ ساهوارن يعني پکين جو روپ
رتو. پکين مان وري جانور وجود ۾ آيا. جانورن جا به انيڪ قسم هوندا
هن. جن مان گهوڙا، گڏهه، اُٺ، ڳانيون، مينهون، رڍون، ٻڪريون ته
وهان مان هر ڪنهن ڏٺيون هونديون. توهان ضرور جانورن جي باغ ۾ به
لاقات ورتي هوندي. اُتي شينهن، چيتا، واگهو، ٻگهڙ، گينڊا خواه طرحين
رحين قسمن جا باندر به ڏٺا هوندا. ڏٺو ويو آهي ته باندرن واري ويا ڳ ۾
ڪثر ٻارن کي وڌيڪ مزو ايندو آهي. اڄ اسين انهن باندرن بابت وڌيڪ
اڻ حاصل ڪنداسين.

باندر ٻين ڪيترن جانورن کان وڌيڪ ٻڌيءَ وارا ۽ سياڻا هوندا آهن. عام
واجي باندر هلڪڙا ڪاري منهن وارا ته ٻيا وري ڳاڙهي منهن وارا ٿيندا
هن. اهڙن ٻنهي قسمن جي باندرن کي پنهنجي سرير جو بئلنس رکڻ لاءِ
نها پڇ ٿين ئي ڪونه. اُهي عام رواجي باندرن کان قد ۾ ڪافي وڏا ۽
ري وزن وارا ٿين ٿا. اُهي عام رواجي باندرن کان قد ۾ ڪافي وڏا ۽ ڀاري
ن وارا ٿين ٿا. انگريزيءَ ۾ انهن کي ضصڌچيو ويندو آهي. اهڙا بنا پڇ
را باندر انسان وانگر پوين ٻن ٽنگن تي سڌو بيهي هلي به سگهندا آهن ۽
يين ٻن ٽنگن کان ٻانهن جو ڪم به وٺندا آهن.

مشهور وگياني ڊارون جي دعويٰ آهي ته هاڻوڪو انسان اهڙن بنا پڇ
درن جو ئي سڌريل روپ آهي. جدا جدا آزمائشون وٺي ثابت ڪيو آهي
ته اُهي اِنسان وانگر ڪافي ٻڌيوان هوندا آهن
۽ پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪري سگهندا آهن.
سندن رهڻي ڪرڻي به اِنسان جي رهڻي
ڪرڻيءَ سان ڪافي حد تائين ميل کائي ٿي.
کين ضروري ٽريننگ ڏيئي ڪارائتا ڪم وٺي
سگهجن ٿا.







# ڪاغذ جي ٻيڙي

روشن گولاڻي

ٻنهي ڇيو ته ريسَ پڄايون -
ٻيڙيءَ کي تلاوَ ۾ چڙهايون !

گڏ گڏ ٻنهي جي هَلڻ لڳي،
ڳالهه اِها ئي آ، عجب سندِي !

ڪاغذَ جون ٻيڙيون تَرڻ پيون،
ٻنهي ٻارن کي وَڻِن پيون.

هڪ جو نالو ته رامُ آهي،
ٻئي جو وري رحيمُ آهي.

رات سڄي برسات پئي آ،
ڪئي تلاوِن موج گهٽي آ !

گهر مان ٻارُ ٻه نڪتو آهي،
ڪاغذ جي هڪ ٻيڙي ناهي.

هوُ، ننڍي تلاوَ وٽ آيو،
تلاوَ ڪيس آهي للچايو.

هڪ دوست سندس آ، ٻيو آيو،
هٿ ۾ ٻيڙي آ، ڪٽي آيو.





. موڪل ملڻ ڪانپوءِ اَنيتا سنگيتا جي اِنتظار ۾ بيٺي هئي جيئن ٻئي
ٻون گڏجي گهر وڃن. اينتري ۾ ميرا اُتي اَچي پهتي ۽ اَنيتا کان پڇيائين،
ني ڇو بيٺي آهين؟'' اَنيتا چيو، ''مان سنگيتا لاءِ بيٺي آهيان.'' ميرا
س، ''سنگيتا تہ گهر هلي ويئي. چيائين مون کي اَڄ ڪم آهي. مان اَنيتا
نؤڪرياڻي آهيان ڇا جو اُن لاءِ پنهنجو ٽائيم خراب ڪريان.'' ٿوري دير
پوءِ سنگيتا اَنيتا کي ڳولهيندي اُتي آئي. تنهن کي ميرا ساڳي ڳالهہ
ئي تہ ''اَنيتا تہ ڏاڍي غصي ۾ هئي ۽ اَڪيلي ئي گهر هلي ويئي.'' سنگيتا
ٿورو عجب لڳو ۽ دک بہ ٿيو.

ٻئي ڏينهن ٻئي ڇٽيون اَڪيليون ئي اِسڪول هلي ويون. هڪ ٻئي سان
هايائون بہ تمام گهٽ. ٻنهي جي دلين ۾ دکہ پريل هو. سالن جي ساهيڙپ
هيئن ختم ٿيندو ڏسي ٻئي اُداس رهڻ لڳيون. هوڏانهن ميرا اِهو ڏسي
ش پئي ٿيندي هئي تہ آخر هن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو.

هاڻي سنگيتا ۽ اَنيتا جو هر ڳالهہ مان چاهہ ئي نڪري ويو. نہ پڙهڻ ۾ ڌيان
دو هون ۽ نہ رانديِن ۾. اَنيتا ٿورو وڌيڪ پاوڪ هئي. اُنهن ڳالهين تي
ڇيندي هوءَ بيمار ٿي پيئي ۽ اِسڪول مان غيرحاضر رهڻ لڳي. پرنسيپال
حب کي جڏهن اِنهن ڳالهين جي خبر پيئي تہ هن کي اَنيتا جي چنتا ٿيڻ
. هو هڪ ڏينهن اَنيتا جي گهر هليو ويو ۽ ميرا کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو.
پهچي هن سنگيتا کي بہ اَنيتا جي گهر گهرايو. هن ٻنهي کان پڇيو تہ آخر
ڙي ڳالهہ جي ڪري هو هڪ ٻئي کان ناراض ٿيون آهن. تڏهن اَنيتا ۽
يتا سر کي سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. پرنسيپال سر سمجهي ويو تہ اها
ي ڪارستاني ميرا جي آهي. ميرا ايرڪا وس ٿي ٻنهي ساهيڙين جي دل ۾
ٻئي لاءِ شڪ ۽ نفرت پئدا ڪئي آهي. پاڻ ۾ ويڙهايو آهي.''

ميرا جو شرم کان ڪنڌ جهڪي ويو ۽ تمام گهٽي دک سان چيائين، ''پاپا،
مون کان غلطي ٿي ويئي. مون کي معاف
ڪريو.'' هن پوءِ اَنيتا ۽ سنگيتا کان بہ
معافي ورتي ۽ اَنجام ڪيائين تہ اڳتي
هوءَ ڪڏهن بہ اَهڙي حرڪت ڪانہ ڪندي
۽ هنن جي پڪي ساهيڙي ٿي رهندي.

اِن ڪانپوءِ ميرا جي سياو ۾ ڦيرو اَچي
ويو. هوءَ انيتا ۽ سنگيتا سان گڏجي رانديِن
۽ پڙهڻ ۾ چاهہ وٺڻ لڳي. اِهو ڏسي
پرنسيپال سر کي بہ ڏاڍو سٺو لڳو تہ هاڻي
ميرا اَجايو گهمنڊ ڇڏي سچي ۽ سڌي
رستي تي هلڻ لڳي آهي.

# ساهيڙي

سرينا شرما



پونا ۾ اَنيتا ۽ سنگيتا نالي ٻہ ساهيڙيون رهنديون هيون. ٻنهي جا گهر پاسي ۾ ئي هئا. هنن جا مائٽ بہ هڪ ٻئي وٽ ايندا ويندا رهندا هئا. ٻنهي جا پاڙ ۾ ڪٽنبي ناتا هئا. اَنيتا ۽ سنگيتا ننڍپڻ کان گڏ ئي پليون نپنيون هيون پهرئين درجي کان اَنين درجي تائين هڪ ئي اسڪول ۽ هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهنديون آيون هيون. ٻئي ڇٽيون پڙهڻ ۾ بہ هوشيار هيون. اِن ڪري سڀ ماستر بہ هنن کي پيار ڪندا هئا. راندين ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. والي بال ۽ ڊوڙ جي چٽاپيٽيءَ ۾ هرسال ڪيترائي اِنعام کٽي ايندي‍ون هيون.



اِسڪول جي پرنسيپال جي ڌيءَ بہ هنن جي ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. ڪيسر پرنسيپال جي ڌيءَ هجڻ جو ڏاڍو گهمنڊ هوندو هو. ڪنهن کي پاڻ جهڙ سمجهندي ئي ڪانہ هئي. نہ پڙهڻ ۾ هوشيار هئي ۽ نہ ئي هن جو راندين ۾ ڪو چاهہ هو. رڳو پنهنجي ٺاهہ ٺوهہ ۾ ئي پوري هوندي هئي. هن جي اهڙ سڀاءَ جي ڪري پرنسيپال صاحب کي هميشه هن جي چنتا پئي ٿيندي هئي هو چاهيندو هو تہ هن جي ڌيءَ بہ اَنيتا ۽ سنگيتا وانگر هوشيار بڻجي.



هڪ ڏينهن اَنيتا ۽ سنگيتا ڊوڙ راند ۾ وڏي ٽرافي کٽي آيون ۽ اه پرنسيپال کي ڏيکاريائون. پرنسيپال صاحب کين چيو، ”مون کي توهان ٻنهي تي گهڻو فخر آهي. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي ڌيءُ ميرا کي بہ توهير پنهنجي ساهيڙي بڻائي کيس راندين وغيره ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ اُتساهت ڪريو.“

”ضرور سر، اَسين ميرا کي بہ پنهنجي ساهيڙي بڻائڻ جي پوري ڪوشش ڪنديونسين.“



اُن ڏينهن کانپوءِ هو ميرا سان وڌيڪ ڳالهائڻ ٻولائڻ لڳيون. پهرين تہ مير هنن ڏي ڌيان ئي ڪانہ ڏنو، پنهنجي وڏائيءَ ۾ ئي پوري رهي. گهر ۾ جڏهن هن جي پيءُ هن کي اَنيتا ۽ سنگيتا سان ساهيڙپ ڪرڻ لاءِ چيو تہ مڙيئي بي دليو پئي هنن سان ڳالهائيندي هئي. هوءَ ٻنهي جي پڪي ساهيڙپ تي هميشه خار کائيندي هئي. دل ئي دل ۾ ٻنهي جي ساهيڙپ ٽوڙڻ جا پهہ پئي پچائيندي ي.





هڪ ڏينهن هن کي اَهڙو موقعو ملي



# منهنجو ڳُڏڙو

اندرا ٻلديو ٻڏراڻي

منهنجو ڳُڏڙو پيارو آهي،
سڀ ڳُڏڙن کان نيارو آهي.



هر پل مونسان راند ڪري ٿو،
منهنجي من کي شاد ڪري ٿو،
منهنجي دل جو دُلارو آهي،
منهنجو ڳڏڙو پيارو آهي.



سُهڻي سُهڻي صورت هن جي،
من کي وڻندڙ مورت هن جي،
جڏهن بہ هنڪي نهاريو آهي،
منهنجو ڳڏڙو پيارو آهي.



منهنجي هرهڪ ڳالهہ ٻڌي ٿو،
ننڊڙين اکين سان مونکي ڏسي ٿو،
ڪيس جڏهن بہ سامهون وهاريو آهي،
منهنجو ڳڏڙو پيارو آهي.



هن کان جدائي رهي نہ سگهندس،
هن جو وڇوڙو سهي نہ سگهندس،
منهنجي جيءَ جو جياپو آهي،
منهنجو ڳڏڙو پيارو آهي.



# سُپنو

ونيتا

رات مون هڪ سُپنو ڏٺو
سُپني ۾ سچ ڪوڙو ڏٺو
جيڪو مون کي چرڪائي ويو
منهنجو سمورو وجود هِلائي ويو
هي سُپنو هو ننڍڙن ٻارن جو
منهنجي اڱڻ جي ڦل واڙن جو
جيڪي ٻالپڻ کي وساري رهيا هئا
اُنهن اکڙين جي تارن جو
هِنن کي سِنڌ جي ڪا ڄاڻ ناهي
۽ ٻُڌائڻ وارو بہ ڪير آهي ؟
هي نہ ڄاڻن هيمُون، ڏاهِر، ڪنوَر
هي نہ ڄاڻن ڪير ماستر چندر
هو راند روند کان پري هئا
هو رڳو رڳو بس پڙهن پيا
هِنن گلڙن کي نہ هئي خبر
ڇا ٿيندو آهي ڏيتي ۽ ڏکر
ڳُٽيون ڪندي مان پگهرجي ويس
۽ هڪدم سان جاڳي پيس
نہ نہَ هي سُپنو سچ نہ ٿيڻ ڏيندس
نئين ٿهيءَ لاءِ مان اڳتي ايندس.



















ڪاريو. هڪ ڏينهن پنهنجي جهوپڙي صاف ڪندي هن کي ڪُنڊ ۾ هڪ
ڙو نامي جو سڪو مليو ويو. هوءَ گهڻو خوش ٿي. ڀڳوان جو وردان مڃي
وچي گروءَ جي چرنن ۾ رکيو ۽ هٿ ٻڌي وينتي ڪئي تہ ڀڳوان جي
رتيءَ ۾ منهنجو ننڍڙو نامي جو سڪو بہ ڪتب آڻجو.

شرڌا سان آندل سڪو گروءَ گهڻي سڪ سان ورتو ۽ پنهنجي آسڻ هيٺان
ي ڇڏيو. ٻڍڙيءَ لاءِ هن کي اٿاهہ حُب پيدا ٿي.

انن ڏينهن ڪانپوءِ سيٺي شش چندي ۾ تمام گهڻو ڊن ۽ ڌاتو ڪٺي آيا.
ارين سڪا ۽ ڌاتوءَ جا برتڻ ڪٺي آيا. برتڻ ۽ سڪا باهہ ۾ پگهاري رجائي
و هڪ وڏي ڀڳوان جي فريم ۾ وڌو. مورتي گهڻي سندر نهي پئي.

جيئن ئي ٿڌي ٿيل مورتي ٻاهر ڪڍي وئي تہ آواز ڪندي ٽڙڪي پئي.
۾ لنبي ڏار اچي وئي. سيٺي سمجهيو تہ ڪا غلطي ٿي آهي. هنن ٻيهر
سڃو ڌاتو پگهاري فريم ۾ وڌو ۽ ساڳيءَ طرح سندر مورتي ٻاهر اچي
جي وئي.

گرو سڀ ڏسي پيو. تڏهن هن کي ٻڍڙيءَ جو ڏنل ننڍڙو سڪو ياد آيو.
نجي پُل سمجهي ٽئين دفعي ننڍڙي سڪي کي بہ ڌاتوءَ ۾ ملائي، رجايو
۽ قالب (فريم) ۾ وڌو ويو. جڏهن مورتي فريم مان ڪڍي وئي تہ اها
نہ ٽڙڪي ۽ نہ ڏري.

مورتي ڏاڍي خوبصورت هئي. گروءَ سيٺي شش کي پنهنجي پُل ٻڌائي.
ي ٻڍڙي عورت جي سڪ ۽ شرڌا جي اڳيان پنهنجو مٿو نوايو. ۽ ان
پوءِ هميشه هن جي عزت ڪندا هئا. چون ٿا اهو ٻڌ ڀڳوان جو مندر اڄ بہ
ڳوٺ ۾ آهي ۽ اها مورتي جنهن ۾ ٻڍڙي عورت ۽ ننڍڙو سڪو مليل آهي.

اها ڪهاڻي ٻڌائي هيڊ ماستر صاحب ٻارن کي چيو تہ توهان جي
يت منيءَ مان بچيل رقم ڪيتري بہ ٿوري هجي اها بہ سڪ ۽ شرڌا
قبول ٿيندي. ماتا سرسوتي ديوي توهان مٿان راضي ۽ خوش ٿيندي.

ڇهہ مهيني ڪانپوءِ ايترو گهڻو ڊن ڪٺو ٿيو جو ان مان اسڪول ۾ هڪ
خوبصورت سرسوتي ديوي، گيان جي ديويءَ
جو سندر ۽ شاندار مندر ٺاهيو ويو ۽ ان جو
اُدگهاٽن اُتان جي تعليم کاتي جي منسٽر
ڪيو. سيٺي شهر واسين بہ ٻارن جي بچت
ڪرڻ جي عادت جي گهڻي ساراهہ ڪئي.

اڄ بہ اُتي اسڪول ۾ اهو مندر آهي، جتي
ٻار پرارٿنا ڪندا آهن.



# بچت جي اهميت

نندلعل پرسراماڻي



هڪ ڏينهن هيڊ ماسٽر صاحب پرارٿنا سڀا ۾ چيو ته ايندڙ بسنت پنچمي ڏڻ تي اسڪول ۾ سرسوتي ديوي جو ننڍڙو مندر نهرائيندا سين. ان لاءِ اسان سڀئي پنهنجي پاڪيٽ منيءَ مان ڪجهه بچائي ڏن ڪنو ڪنداسين. ٻين ڪان ڪو چندو ڪونه گهرنداسين. روز توهان پرارٿنا سڀا جي وڏي هال ۾ رکيل وڏي پيٽيءَ ۾ بچت وجهندا وڃجو. مهيني ۾ جيڪي پيٽيءَ مان ملندو اهو مندر نهرائڻ ۾ ڪتب آڻيندا سين. سک سان شرڌا سان، ارپڻ ڪيل ڏن گهڻو ڪارائتو ۽ اهميت وارو ٿيندو آهي. ڀڳوان ان ۾ برڪت وجهندو آهي. مان توهان کي چين جي هڪڙي ڳوٺ جي ڪهاڻي ٿو ٻڌايان :



هزارين ورهيه اڳه چين ديش جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ آشرم هو. آشرم ۾ ٻار وديا وٺندا هئا. هڪ گرو سنياسي ٻارن کي اخلاقي ۽ ڌارمڪ وديا ڏيندو هو. روز ڪٿا ڪيرتن به ٿيندو هو.



هڪ ڏينهن ڪٿا ڪيرتن کانپوءِ گروءَ پنهنجن شش کي چيو، ”آشرم ۾ ڀڳوان ٻُڌ جو شاندار مندر نهرائڻ لاءِ سوچيو اٿم. مندر ۾ هڪ ڌاتوءَ جي ڀڳوان ٻُڌ جي مورتي رکنداسين- اُتي ئي ڪٿا ڪيرتن ڪيو ويندو. ان ڪري سڀاڻي ئي توهان سڀئي آس پاس ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي چندو يا ڌاتو ڪنو ڪري اچجو. انن ڏينهن ۾ جيترو ڪنو ٿئي ڪٺي اچو.

آشرم پرسان هڪ غريب ٻُڍي رهندي هئي. آشرم ۾ وڃي صاف صفائي ڪندي هئي. ان ڪري گرو به هنکي روٽي ۽ ڪپڙن جو بندوبست ڪري ڏيندو هو.



مندر نهڻ جي ڳالهه ٻڌي هوءَ گهڻو خوش ٿي. من ۾ آيس ته هوءَ به ڪجهه چندو ڏيندي پر سمجهي ڪانه سگهي ته ڇا ڏئي. ڇا نه ڏئي. نه هن کي ڏن هو ۽ نه ڪو ڌاتو هوس، پر من ۾ وشواس هوس ته ڀڳوان ٻُڌ ڪجهه نه ڪجهه بندوبست ڪندو.



سچ پچ هنجي پرارٿنا، وشواس، شرڌا پنهنجو اثر





# بارَ

جوتي اين. ياوناڻي



\- بارَ جڳ کان ڪيترا نہ نِرالا ٿين ٿا،
گُلن وانگر هوُ سدا ٽِڙن ٿا.

\- پاڻ کِلي سيني کي کِلائين ٿا،
پنهنجينُ ڳالهين مان هر ڪنهن کي وِندرائين ٿا.

\- ڪنهن بہ ڌرمِ جو فرقُ ڪڏهن ڪين رکن ٿا،
ڪنهن بہ قسمِ جو ڀيد ڀاءُ ڪنهن سان ڪين ڪن ٿا.

\- سيني کي سِڪَ ۽ پيار پنهنجو ڏِين ٿا،
پنهنجي منڙي واڻيءَ سان سيني کي وڻائين ٿا.



\- وِڙهن - جهڳڙن وري نهي وجن ٿا،
مَن ۾ ڪو ساڙُ - ويرُ ڪڏهن ڪِين رکن ٿا.

\- ڪُوڙ نہ ڪڏهن ڪنهن سان ڳالهائين ٿا،
ڪنهن کي ڪو دوکو ڪڏهن ڪِين ڏين ٿا.

\- مُشڪل ۾ سيبئي مِلي هلن ٿا،
هڪ ٻئي کي ساٿُ پورو ڏين ٿا.



\- ڪوُڙو ڏيکاءُ هوُ ڪڏهن ڪِين ڪن ٿا،
سادگيءَ جو هوُ هر گُڻُ اپنائين ٿا.

\- مائٽ ھُنِن کي هر سبقُ سيکارين ٿا،
پر مائٽ پاڻ هر سبق ڀُلائين ٿا.

\- مائٽن جي سکيائن کي بارَ عمل ۾ آڻين ٿا،
۽ وڏن اَڳيان پنهنجو مِثال هوُ پاڻ قائم ڪن ٿا.








# سياڻو ماڻهو

گيتا پرديپ روپاڻي



ھڪ ماڻھو جيڪو ڪنھن ڳوٺ ۾ رھندو ھو، ان جو نالو ڪمار ھو. ھڪ دفعي ڪمار پرسان واري ڳوٺ ۾ ڪمائڻ لاءِ ويو. اُتي جھنگل ۾ ڪاٺيون ڪٽڻ جو ڪم مليس. ھڪ ڏينھن ڪاٺيون ڪٽيندي ڪٽيندي کيس چٽي اُڃ ستائڻ لڳي. ھوُ ھيڏانھن ھوڏانھن نھارڻ لڳو پر پاڻي ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيس. آخر ھڪ وڻ تي چڙھي تورو پريرو ڏٺائين تہ متان ڪٿي ڪو کوہ ڏسڻ اچي پر کيس اھو بہ نظر ڪونہ آيو. وڻ تان ھيٺ لٿو ۽ ڪجھہ پنڌ اڳتي وڌيو تہ ٿڪجي پيو ۽ اُتي ئي وچ جھنگل ۾ ويھجي ويو. اجا اُڃ مٽائڻ لاءِ سوچي ئي رھيو ھو تہ سامھون ھڪ ناريل جي وڻ تي نظر پيس. اُن وڻ تي ڪجھہ باندر پاڻ ۾ راند روند ڪري رھيا ھئا. ڳوناٺي ڪمار ھڪ رٿ رٿي. ھوُ ڪجھہ ننڍا ننڍا پٿر کڻي باندرن کي ھڻڻ لڳو. جيئن تہ چيو ويندو آھي باندر رِيساري ۽ غصي وارا ٿيندا آھن تن کي بہ لڳو غصو، اُنھن بہ کڻي ناريل وڻ مان پَٽي ڪمار ڏانھن اُڇلايائون. ڪمار بہ چار ناريل کڻي مٿان اُنھن جو پاڻي پيتو. اھڙيءَ طرح پنھنجي سياڻپ سان اُڃ سان گڏ بُک بہ مِٽائي.











# منهنجو ڪُتڙو

بلديو ٻڌراڻي 'ديپ'

پِيارو پيارو منهنجو ڪُتڙو،
راڄ ڏُلارو منهنجو ڪُتڙو.

هردم مونسان راند ڪري،
ڪڏهن نہ مونکي تنگ ڪري.



مونکي ڏسي هوُ پُڇ لوڏائي،
گهمڻ هلڻ لاءِ مونکي منائي.



پرائي ماڻهوءَ کي جڏهن ڏسي ٿو،
زور زور سان ڀونڪڻ لڳي ٿو.

رات جو گهر جي ڪري سنڀال،
چور چڪار کان رهي هوشيار.



وفادار ۽ سياڻو ڪُتڙو،
منهنجو پيارو پيارو ڪتڙو.









# کير نروڳي آهي؟

جي. وي. مورجاڻي

هڪ پکي آڪاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي ٿو. هو گهمندي گهمندي پڇي ٿو، ''کير نروڳي آهي؟'' پکي در در ڀٽڪي ٿو. هو هڪ ئي سوال پڇي ٿو. ماڻهو اُن جو مذاق اُڏائن ٿا. پکي مايوس ٿئي ٿو.



هو جهنگل ۾ وڃي ٿو ۽ هڪ وڻ تي وِهي ٿو. وڻ جي هيٺان هڪ رِشي ويٺو آهي. پکي وري پُڇي ٿو، ''کير نروڳي آهي؟ رَشي ٻڌي ٿو.

رشي چوي ٿو، ''جيڪو گُڻڪاري ڀوڄن ڪري ٿو، جيڪو گهٽ انداز ۾ ڀوڄن ڪري ٿو ۽ جيڪو موسم انوسار ڀوڄن ڪري ٿو، اهو ئي نروڳي رهي ٿو.''

پکيءَ کي سنتوش ٿئي ٿو. هو رشيءَ وٽ وڃي ٿو ۽ اُن کي نمسڪار ڪري ٿو ۽ پنهنجي ماڳ موٽي وڃي ٿو.











# چنڊ ماما

گوبند ريجھواڻي ’آنند‘



- او چنڊ ماما ! اَچُ تون هيٺ لهي،
چانوَ ڪرين پيو تون اُڀ منجھہ رهي. او..

1. منهنجي گھر جو ٿيءُ مهمانُ اَچي،
ڪاڻُ دال پوُري پَڪوانَ اچي.
گڏ مان ڏيانءِ توکي پاپڙ ۽ ڏهي. او...
2. سَيرُ ڪرايانءِ باغ بَهارن جو،
نديءِ ڪنارن، مست نظارن جو،
ڏس، ڪئن نہ نديءِ نيرُ ٿو وڃي وهي.. او...
3. ٻارن سان گڏجي رانڊِ روُنڊِ ڪر،
خوشين سان پنهنجون جهوليون ڀر،
’آنند‘ آيئہ ؟ ٻُڌاءِ صحيح صحيح. او...



4. چانڊوڪي تنهنجي سڀ کي ڀائي،
شيتل هن جي روشني جو آهي،
ساراهہ ڪيان ڪهڙي مُکہ سان چئي. او...



5. اَڌُ ماهہ سُسين، اڌ ماهہ ڦُنڊين تون،
آخر اِئن ڇا لئہ پيو ٿو ڪرين تون.
شايد ڪو ڳجھو درد رهيو آن سهي. او...
6. ڪڪرن پُٺيان جڏهن تون لِڪندو آن،
اِئن لڳندو آ، ڇڙ تون ڊُڪندو آن.
تڪڙو ڪاڏي ٿو تون وڃي ڪَهي. او...
7. ڇا جا هي تو منجھہ داغ آهن،
داغ بہ تنهنجا سڀ کي ٿا ڀائن،
خوب ٿي ڇاهي توکي ننڊي ٿهي. او..







# رانديڪا



ديال ’آشا‘




1. دادا سان ميلي تي ويس مان،
خوب گهميس ۽ خوب ڦريس مان.



2. مون سان گڏ ڀيڻ هئي سرتا،
ميلي ۾ ڪجهه رانديڪا ورتا.




3. گُڏي گڏيءَ جي شادي ڪرائي،
سرتا ويٺي من وندرائي.






4. ڪار ته منهنجي بلي بلي،
بنا پيٽرول جي هلي هلي.

5. واهه ! واهه ! منهنجو گهوڙو آهي
ڏاڍو پاڻي ڪين ڪي ڪائي.




6. رانديڪن سان راند ڪريون ٿا،
راند ڪندي ڪيڏو خوش ٿيون ٿا.













# پَکِي

ڀڳوان نردوش

ڏِسُ ۾ ڪيڏا پَکي نرالا،
اَچي ٻَڌَڪ مثل ڪي پيارا!

ڪوئِلَ رنگ جي آهي ڪاري،
لاتِ لَنوي مگر پياري !

سائي رنگ ۾ طوطو آهي،
مِرچَ ميوا کائيندو آهي.

گهر ۾ ڪي ته طوطا پالن،
ته 'رام رام' تنهن کان چوائن!

ننڍن پکين ۾ جِهرڪي پياري،
'چوُ چوُن' سان ٿي ڏئي بهاري!

۽ پکي وڏا سِرڻ ۽ بازُ،
ننڍن پکين جو ڪَن ٿا شِڪارُ !

رنگ جو پيارو لڳي ڪبوتر،
ڪِن لئہ قاصد لڳي ڪبوتر !

''ٽهوُ ٽهوُ' ٿوُ مورُ ٻولي،
ٿيريون پائي پَنگ پکيڙي !

'ٽان ٽان' ڪانوَ جي ڪينَ وڻي،
سِهني ڪي سا، ٿي بور ڪري !



ڇڏيائين. ٿوري وقت ڪانپوءِ مينهن بند ٿيو ۽ هوءَ گهر وڃڻ لاءِ تيار
ٿي ته ايتري ۾ هڪ بندرو بزرگ اچي نڪتو. هن جي ڏاڙهي ايڏي
وڏي هئي، جو سندس پيرن تائين پئي لڳي. اُن جا پير سندس
ڏاڙهيءَ ۾ اَٽڪي پيا. بزرگ مُنيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن
کي آسيسون ڪرڻ لڳو. گهر جي صفائي ڏسي ڪري بزرگ جو من
ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هر هر گهر جي هر ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ لڳو. هوُ
جڏهن گهر ۾ گُهمي رهيو هو ته سندس پير ڏاڙهيءَ ۾ اٽڪي پيا.
تڏهن مُنيءَ چيو، ”بابا، توهان جي ڏاڙهي ڏاڍي وڏي ٿي ويئي
آهي. ان کي ڪٽي ننڍي ڪريان؟“
”اُها تنهنجي وڏي مهرباني ٿيندي.“ بزرگ چيو.
مُنيءَ ڪئنچي کڻي بزرگ جي ڏاڙهي ڪٽي ڏاڙهيءَ کي نيڪ
ڪيو. بزرگ ڏاڍو خوش ٿيو. بزرگ پنهنجي ڏاڙهيءَ جا وار رومال ۾
ٻڌي ڪري ڇوڪريءَ کي ڏنا. مينهن بند ٿي ويو. ڇوڪري رومال
کڻي گهر آئي. ڇوڪريءَ سڄي ڳالهه ماءُ کي ڪري ٻڌائي. ماڻس
رومال کوليو ته ڏٺائين ريشمي ڌاڳا پيا آهن. ٻنهي ماءُ ڌيءُ
ڌاڳن کي سُلجهائي ڪري رومال ۾، شالون ۽ ٻيا ڪپڙا ناهڻ لڳيون پر
ريشمي ڌاڳا کونه پيا کُٽن، وڌيڪ وڌيڪ ٿيندا پئي ويا.
ايتري قدر جو ماءُ ڌيءُ ملي ڪري ريشمي ڪپڙي جي مِلِ برپا
ڪئي ۽ ڏاڍيون
شاهوڪار ٿي ويون.
بزرگ جي آسيس
کيس وڌايو. اسان کي
به بزرگن جي
شيوا ڪرڻ گهرجي ۽
هنن جي آسيس وٺڻ
گهرجي.













# بُزرگ جي آسيس



ايم. ٽي. پاليہ

هڪ دفعي جي ڳالھ آهي تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ غريب وڏوا رهندي هئي. جيتوڻيڪ هن جي زندگي تمام ڏکي گذرندي هئي، پر تنهن هوندي بہ هوءَ تمام خوش ۽ قسمت واري هئي، جو هن کي سُلڇڻي ۽ همٿ واري ڌيءَ هئي، جنهن جو نالو مُنِي هو. مُني ٻار هوندي بہ ماءُ کي ڪم ۾ مدد ڪندي هئي. هن تي ماءُ ڪم رکيو تہ ريشم ڏيڻ وارن ڪيئَن جي سَنڀال ڪري. مُنِي اُنهن ڪيئَن جي چڱيءَ طرح سنڀال ڪندي هئي. ڇاڪاڻ تہ اُنهن ڪيئَن جي ريشم مان هن جي ماءُ ريشم جا سُهڻا رومال ٺاهيندي هئي. جڏهن رومال ٺهي ويندا هئا تہ مُنِي اُهي رومال بازار ۾ وڪري لاءِ کڻي ويندي هئي. مُنِي هڪڙي ڏينهن بازار ۾ رومال وڪڻي واپس پئي آئي تہ اوچتو بادل ڇانئجي ويا ۽ برسات پوڻ جا آثار ڏسڻ ۾ پئي آيا. مُنِيءَ سوچيو، ڪٿي بارش نہ پوي ۽ رومال خراب نہ ٿي وڃن. هوءَ هڪ جهنگل جي ويجهو آئي تہ بارش اچي پيئي. هوءَ جهنگل جي پرسان هڪ جهوپڙيءَ وٽ آئي ۽ آواز ڏيڻ لڳي، پر ڪيس جواب ڪونہ مليو هو. اِنڪري هوءَ جهوپڙيءَ جي اَندر ويئي. هن ڏٺو تہ گهر سڄو مٽيءَ سان لَٽيو پيو آهي. هر هنڌ هرڪا شيءِ ٽڙي پکڙي پيئي هئي، ميز مٿان اڌ ڌوتل برتڻ پيا هئا. ڪُنڊ ۾ ميرا ڪپڙا پيا آهن. هن کي ڏاڍو تعجب لڳو تہ جهوپڙيءَ جا مالڪ شايد بيمار يا بيڪار آهن ۽ ڪين ٻار ڪونہ آهن.












نِي سوچڻ لڳي تہ جيڪر مان گهر کي صاف سُٿرو ڪريان تہ مالڪ ڏاڍو خوش ٿيندو. اِئين ڪرڻ سان هن کي ڪوبہ عتراض ڪونہ ٿيندو. مُنيءَ باسڻ صاف ڪيا. هرڪا شيءِ ڇنڊي ڦوڪي رکي. گهر پوچو ٻُهاري ڪري سڄو گهر چمڪائي




# بَڏي

کيمن يوُ. مولاڻي







بَڏي زندگيءَ جو سينگار
شڪتيءَ جو آهي ڀنڊار

1. گل ڌاڳي ۾ جڏهن پوئجن،
تڏهن گلي هو هار ٿا بڻجن،
ڪجي هار سان ٿو سنڱار.
2. جڏهن بوند سان بوند ملي ٿي،
تڏهن تلاءَ ۽ نديون ڀري ٿي،
سمنڊ به بڻجي اپرمپار.
3. ست سُرَ ملن وهي رس ڌارا،
راڳ راڳڻيون ٿهن نيارا،
آنند جو ٿو کُلي ڍُئار.
4. ڪَٺا ريتَ جا جڏهن مِلن ٿا،
گهرَ هَٽَ مَحل تَڏهن بڻجن ٿا،
ورنا جئڻ ٿئي دشوار.
5. ڪِرڻي سان ڪِرڻو ٿو گڏجي،
تڏهن روشني چوڌر ڦهلي،
ڏسي سگهون ٿا هيءُ سنسار.
6. توهان به ڪري بَڏي جي هلندا،
وڏي ظلم سان تڏهين سگهندا،
جيون ٿيندو باغ بهار.






# ميائوُ راڻي

واسديو نرمل

ميائو راڻي، ميائو راڻي...
هڪ اک کان آ ٽيڏي ڪاڻي !



١. هڪڙي اک چا چا ڏسندي
ممبئي، ٽاٽو، نٽو، مياڻي؟
ڪنهن جي گهر مان موٽي آهي؟
ڪوُئن پُنيان ڊوڙي ٽي ساٽي.
ميائو راڻي، ميائو راڻي!



٢. ڇَڪمو وري چا ڪوُئا ڏيندس؟
ڪاڻي هوندي آهہ سياڻي،
پَڪَ سؤ ڪوُئا ڪائڻ کان پوءِ
حَج ڪري ٽيندي حاجياڻي،
ميائو راڻي، ميائو راڻي!



٣. لِڪي لِڪي ڇُڪ ڇُڪ ڳاڏيءَ ۾
ڪاشي پهچي ويندي راڻي،
ڏوئي هرڪو پاپ ڇڏيندي
وِجهي مَٽي ٽي گنگا پاڻي !
ميائو راڻي، ميائو راڻي!



# فهرست



# ڊائريڪٽر جيِ قلم مان

راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد سنڌيِ اَدب، ڪلا، سنسڪرتيِ ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ اَلڳ اَلڳ يوجنائن معرفت ودوانن ۽ اَديبن جي سهڪار سان اَنيڪ ڪاريہ ڪري رهيِ آهي. اَڄ سنڌيِ ڀاشا جو واهپو ڏينهون ڏينهن گهٽجندو رهيو آهي، خاص ڪري تعليميِ اِدارن مان سنڌيِ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جو تعداد نہ صرف گهٽيو آهي، پر ڪيترن ئيِ تعليميِ اِدارن ۾ سنڌيِ وشيہ جيِ پڙهائيِ بند ٿيِ ويئيِ آهي. اِن ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکندي تہ اَسان جا ٻارڙا نہ صرف پنهنجيِ ماترڀاشا کي، اُن سان گڏ سنڌيِ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي بہ وساري ڇڏيندا، جنهن لاءِ 'پوپٽڙا' عنوان سان ٻال مخزن پريشد پاران شايع ڪرائيِ ويئيِ وڃي.

٢٠١٩-٢٠٢٠ جيِ 'پوپٽڙا' مخزن پڻ توهانجي هٿن ۾ آهي، جنهن کي سنڌيِ اَدب جي برک ساهتيڪارن ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ۽ پريشد جي ميمبر شريِ راڌاڪشن ڀاڳيا سمپادت ڪيو آهي. پريشد جو مُول مقصد سنڌيِ ڀاشا جي واڌاري جو آهي. ٻار اَسانجي آئيندهہ جا اَبا آهن، اُنهن جي خاطر هيِ رنگين ٻال رسالو چِٽرن سميت شايع ڪرايو ويو آهي، جيئن ٻار هيِ اخلاقيِ رچنائون پڙهيِ، پنهنجيِ ماترڀاشا، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جيِ ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.

مان پريشد پاران سمپادڪ منڊل جي شڪرگذاريِ ٿو اَدا ڪريان.

**ڊاڪٽر پرتاپ پنجاڻيِ**

(نديشڪ)



# پوپٽڙا

ٻال ساهتيہ مخزن

2019-2020

اُپاڌيکش ۽ مکيہ صلاحڪار

شري گهنشيام ڪُڪريجا

سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ

ڊاڪٽر پرتاپ پنجاڻي

نديشڪ

راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد،

نئين دهلي

سمپادڪ منڊل

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي

شري راڌاڪرشڻ ڀاڳيا


**National Council for Promotion of Sindhi Language,**

Govt. of India, Ministry of H.R.D. Deptt. of Higher Education

West Block No. VIII, Wing-7, 1st Floor, Sector-1,

R.K. Puram, New Delhi - 110066.

**Ph. Nos.** (011)-26180104-06, 20863699

**Email** : ncpsl.delhi@gmail.com **Website** : www.ncpsl.gov.in

https://www.facebook.com/NCPSL

ISBN : 978-81-945495-9-8

# پوپٽڙا

ٻال ساهتيه مخزن

**Children's Literature Magazine**

**2019-20**



راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد